# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1985

# SINDH ACT NO.V OF 1985

# ڪراچي ڊويزن (ٽريفڪ انجنيئرنگ) ايڪٽ، 1985

# THE KARACHI DIVISION (TRAFFIC ENGINEERING) ACT, 1985

## (CONTENTS) فهرست


تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1.مختصر عنوان، اضافو ۽ شروعات

Short title and commencement

2.اوور رائيڊنگ افيڪٽ

Overriding effect

3.وصفون

Definitions

4.بورڊ جو قيام ۽ جوڙجڪ

Establishment and constitution of the Board

5.بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

Powers and functions of the Board

6.بورڊ جي گڏجاڻي

Meeting of the Board

7.ڪميٽي جي جوڙجڪ

Constitution of Committee
8.ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Committee
9.ڪميٽي جون گڏجاڻيون
Meetings of the Committee
10.ڊائريڪٽر جنرل ۽ ان جا اختيار
Director General and his powers
11.ڊائريڪٽر، عملدارن ۽ ٻئي عملي جي مقرري
Appointment of Director, Officers and other staff
12.بيورو جا ڪم
Functions of the Bureau
13.بيورو جو ڊائريڪٽر ۽ ان جا ڪم
Director of the Bureau and his powers
14.عملدارن، ماهرن، صلاحڪارن ۽ عملي جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the officers, experts, consultants and staff
15.روڊ جي ڪنٽرول جي منتقلي
Transfer of control of road
16.حددخلي
Encroachment
17.مخصوص قدمن کان منع
Prohibition of certain acts
18.روڊز جي عارضي بندش
Temporary closure of roads
19.روڊز جي مستقل بندش

Permanent closure of roads

20.روڊ جي گاڏين جي درجن يا جانورن جا ضابطا

Regulations of classes of vehicles or animals on a road

21.فنڊ

Fund

22.فنڊز جمع ڪرڻ

Crediting of the funds

23.فنڊز سيڙائڻ ۽ استعمال ڪرڻ

Investment and utilization of the funds

24.قرض، گرانٽس، امداد ۽ تحفا

Loans, grants, aid and gifts

25.اڪائونٽس ۽ آڊٽ

Accounts and audit

26.رهتن جي اوڳاڙي

Recovery of dues

27.ڏوهه جو ازالو

Cognizance of offence

28.ماڻهو جيڪي سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا

Persons deemed to be public servants

29.ايڪٽ تحت قدم کڻندڙ ماڻهن جو تحفظ

Protection to persons taking action under the Ordinance

30.بيورو جي قدمن ۽ ڪارروائين مٿان حڪومت جو ضابطو

Control of Government over acts and proceeding of the Bureau

31.هدايتون ڏيڻ جو اختيار

Power to give Directions

32.ساليانو رپورٽ
Annual Report
33.حڪومت جو قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Power of Government to make rules
34.بيورو جو ضابطا جوڙڻ جو اختيار
Power of the Bureau to make regulations
35. 1985 جي سنڌ آرڊيننس نمبر V جي منسوخي
Repeal of Sind Ordinance V of 1985

# سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريہ 1985

# SINDH ACT NO.V OF 1985

# ڪراچي ڊويزن (ٽريفڪ انجنيئرنگ) ايڪٽ، 1985

# THE KARACHI DIVISION (TRAFFIC ENGINEERING) ACT, 1985

[12 ڊسمبر، 1985]

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪراچي ڊويزن ۾ روڊ حفاظت کي هٿي وٺرائڻ ۽ روڊز جي استعمال کي آسان بڻائڻ لاءِ اپاءَ ورتا ويندا.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ ڪراچي ڊويزن ۾ روڊ حفاظت کي هٿي وٺرائڻ ۽ روڊز جي استعمال کي آسان بڻائڻ لاءِ اپاءَ وٺڻ ضروري ٿي پيو آهي؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

## باب _I

## شروعاتي

## Chapter_I

## Preliminary

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي ڪراچي ڊويزن (ٽريفڪ انجنيئرنگ) ايڪٽ، 1985 سڏيو ويندو.

(2) ان جي پوري ڪراچي ڊويزن تائين توسيع ڪئي ويندي.

(3)اهو اهڙي تاريخ تي ۽ اهڙي علائقي ۾ لاڳو ٿيندو جيئن حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڄاڻائي.

(4)حڪومت ساڳئي نوٽيفڪيشن ذريعي ڪنهن علائقي کي هن ايڪٽ جي سموري آپريشن يا ڪن گنجائشن کان آجو ڪري سگهي ٿي.

اوور رائيڊنگ افيڪٽ
Overriding effect

2. هن ايڪٽ کي اوور رائيڊنگ افيڪٽ حاصل هوندو جيستائين ڪجھ وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نہ هجي.

وصفون
Definitions

3.(1)هن ايڪٽ ۾ جيستائين ڪجھ مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين:

(i) ”اٿارٽي“ مطلب ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي؛

(ii) ”بورڊ“ مطلب دفعہ 4 تحت قائم ڪيل ڪراچي ٽرانسپورٽ بورڊ؛

(iii) ”بيورو“ مطلب اٿارٽي جي ٽريفڪ انجنيئرنگ

بيورو؛

(iv) ”بس“ مطلب ڪا ڪانٽريڪٽ ڪيرج، اسٽيج ڪيرج يا عوامي خدمت جي گاڏي؛

(v) ”چيئرمين“ مطلب بورڊ جو چيئرمين؛

(vi) ”ڪميٽي“ مطلب دفعہ 7 تحت جوڙيل ٽرانسپورٽ آپريشن ڪميٽي؛

(vii) ”ڊائريڪٽر“ مطلب بيورو جو ڊائريڪٽر؛

(viii) ”ڊائريڪٽر جنرل“ مطلب اٿارٽي جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(ix) ”فنڊ“ هن ايڪٽ تحت جوڙيل ٽريفڪ انجنيئرنگ بيورو فنڊ؛

(x) ”حڪومت“ مطلب سنڌ حڪومت؛

(xi) ”لوڊنگ يا ان لوڊنگ“ مطلب ماڻهو يا شيون ڪڻڻ يا لاهڻ؛

(xii) ”پارڪنگ“ مطلب گاڏي ڪي بيهارڻ سواءِ ڪنهن ٻئي روڊ استعمال ڪندڙ سان مداخلت ڪان بچڻ جي ضرورت جي يا ڪنهن رڪاوٽ سان ٽڪراءَ يا ٽريفڪ قانونن تي عمل، يا ماڻهن يا شين ڪڻڻ يا لاهڻ جي سبب جي؛

(xiii) ”بيان ڪيل“ مطلب قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(xiv) ”روڊ“ مطلب ڪيرج ويز، ڪارٽ ويز، گهٽيون ۽ لينز بشمول فوٽ پاٿس ۽ پيومينٽس جي، جيڪي انهن جي سامهون هجن، جيڪي حڪومت يا ڪنهن مقامي اٿارٽي طرفان تعمير ڪيا يا سنڀاليل هجن ۽

عام عوام لاءِ گاڏين جي گذار لاءِ تيار ڪيل ۽ ارادو ڪيل يا استعمال هيٺ هجن ۽ جنهن ۾ شامل آهن سموريون ڪلورٽ پلون ۽ ڪنهن روڊ تي يا هيٺان هر قسم جا جوڙيل ڪم؛

(xv) "قاعدا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا؛

(xvi) "ضابطا" مطلب هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(xvii) "ٽرڪ" مطلب ٽرانسپورٽ گاڏي جنهن جي رجسٽرڊ ايڪسل جو وزن 5،000 ڪلو گرامز هجي، يا رجسٽرڊ ڪنيل وزن 6،500 ڪلوگرامز کان وڏيڪ هجي؛

(xviii) "گاڏي" مطلب ڪا به ويلن واري سواري جيڪا ڪنهن به قسم جي طاقت، بشمول ماڻهن ۽ جانورن جي طاقت سان ڇڪي يا هلائي ويندي هجي؛

(2) هن ايڪٽ ۾ نه ڄاڻايل لفظ ۽ اظهار جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نه طلب ڪري، انهن کي اها معنيٰ هوندي، جيڪا انهن کي صوبائي موٽر گاڏيون آرڊيننس، 1965 ۾ ڏنل آهي.

## باب_II

## ڪراچي ٽرانسپورٽ بورڊ

## Chapter –II

## The Karachi Transport Board

### حصو_I

## بورڊ جو قيام ۽ جوڙجڪ

## Part_I

## Establishment and Constitution of the Board

بورڊ جو قيام ۽ جوڙجڪ
Establishment and constitution of the Board

4. حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي هڪ بورڊ قائم ڪندي، جنهن کي ڪراچي ٽرانسپورٽ بورڊ سڏيو ويندو.

(2)بورڊ مشتمل هوندو:

| | |
|---|---|
| (i)وڏو وزير | چيئرمين |
| (ii)ڊائريڪٽر جنرل | ميمبر |
| (iii)ڊائريڪٽر | ٽيڪنيڪل ميمبر ۽ |

(iv)اهڙا ٻيا آفيشل ۽ نان آفيشل ميمبر جيڪي وقت بوقت حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن.

(3)چيئرمين ڪنهن شخص کي خاص مقصد لاءِ يا بيان ڪيل عرصي لاءِ بورڊ جي ميمبر طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

(4)چيئرمين ڪنهن شخص يا ميمبر کي بورڊ جي سيڪريٽري طور مقرر ڪري سگهي ٿو.

(5)ميمبر حڪومت جي رضا سان عهدو رکي سگهندو.

## حصو_II

## بورڊ جا اختيار ۽ ڪم

## Part_II

## Powers and Functions of the Board

بورڊ جا اختيار ۽ ڪم
Powers and functions of the Board

5.(1) بورڊ وٽ جيستائين ڪجهه هن ايڪٽ جي متضاد نه هجي، اختيار هوندا ته:

(i) ٽرانسپورٽ ۽ ٽريفڪ ۽ ان سان لاڳاپيل سمورن معاملن جو جائزو وٺي ۽ حل ڪري؛

(ii) ڄاڻايل معاملن جي سلسلي ۾ حڪمت عمليون جوڙي؛

(iii) حڪمت عملي جي سوالن تي رهنمائي فراهم ڪرڻ اهڙين هدايتن ذريعي جيئن اهو وقت بوقت ٽرانسپورٽ سيڪٽر ۾ لاڳاپيل ايجنسيز کي فراهم ڪري.

بورڊ جي گڏجاڻي
Meeting of the Board

6. بورڊ جي گڏجاڻي اهڙن وقتن تي ۽ اهڙن هنڌن تي ۽ اهڙي طريقي ڪوٺائي ويندي، جيئن چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وڃي.

## باب _III

## ٽرانسپورٽ آپريشن ڪميٽي

## Chapter_III

## Transport Operation Committee

## حصو_I

## ڪميٽي جي جوڙجڪ

## Part_I

## Constitution of the Committee

ڪميٽي جي جوڙجڪ
Constitution of Committee

7.(1) حڪومت سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي ڪميٽي جوڙيندي، جنهن کي ٽرانسپورٽ آپريشن ڪميٽي سڏيو ويندو.

(2)ڪميٽي ٽرانسپورٽ جي وزير تي مشتمل هوندي، جيڪو ان جو چيئرمين هوندو ۽ اهڙا ٻيا عملدار ۽ نان آفيشل ميمبر هوندا، جيئن حڪومت مقرر ڪري.

## حصو_II

## ڪميٽي جا ڪم

## Part_II

## Functions of the Committee

ڪميٽي جا ڪم
Functions of the Committee

8.بورڊ جي ضابطي ۽ هدايت موجب، ڪميٽي:

(i) اهڙا اختيار استعمال ڪندي ۽ اهڙا اپاءَ وٺندي جيڪي هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

(ii) ٽرانسپورٽ سيڪٽر ۾ سمورين ايجنسين جي سرگرمين ۾ موثر سهڪار لاءِ ذميدار هوندي.

**ڪميٽي جون گڏجاڻيون**
**Meetings of the Committee**

9. ڪميٽي اهڙن وقتن ۽ اهڙن هنڌن تي گڏجاڻي ڪندي جيئن ڪميٽي جي چيئرمين طرفان هدايت ڪئي وئي هجي ۽ ٻن مهينن ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو گڏجاڻي ڪئي ويندي.

## باب ـ IV
## ٽريفڪ انجنيئرنگ بيورو
## Chapter_IV
## Traffic Engineering Bureau

**ڊائريڪٽر جنرل ۽ ان جا اختيار**
**Director General and his powers**

10.(1) بيورو جي سربراهي ڊائريڪٽر جنرل طرفان ڪئي ويندي.

(2) عام هدايت ۽ بيورو جا انتظام ۽ ان جا معاملا ڊائريڪٽر جنرل وٽ هوندا جيڪو سمورا ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿو ۽ سمورا قدم کڻي سگهي ٿو ۽ شيون ڪري سگهي ٿو جيڪي بيورو طرفان استعمال ڪيا يا سرانجام ڏنا ويندا هجن.

**ڊائريڪٽر، عملدارن ۽ ٻئي عملي جي مقرري**
**Appointment of Director, Officers and other staff**

11.(1) ڊائريڪٽر جنرل بيورو جي ڪمن جي موثر ڪارڪردگيءَ لاءِ ڊائريڪٽر کان اضافي جيڪو ڪل وقتي عملدار هوندو، اهڙا ٻيا عملدار، عملو ماهر ۽ صلاحڪار ڪل وقتي يا عارضي طور مقرر ڪري سگهي ٿو جيئن اهو ضروري سمجهي.

(2)ڊائريڪٽر، عملدار، عملو ماهر ۽ صلاحڪار اهڙو

پروفيشنل، ٽيڪنيڪل، وزارتي يا سيڪريٽيريل اهليت ۽ تجربو رکندا ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيا ويندا، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي؛ بشرطيڪ اهڙا شرط ۽ ضابطا هن ايڪٽ جي شروعات کان فوري اڳ انهن کي ملندڙ فائدن کان گهٽ فائديمند نہ هوندا.

(3) ڊائريڪٽر، عملدار، ماهر، صلاحڪار جيڪي ڪل وقتي رکيل آهن ۽ بيورو جو عملو اهڙي انتظامي قدم لائق هوندا ۽ اهڙي طريقي جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي.

بيورو جا ڪم
Functions of the Bureau

12. (1) بيورو:

(i) بورڊ طرفان جوڙيل حڪمت عملي يا منظور ڪيل اسڪيمن يا جاري ڪيل حڪمن تي تڪڙن بنيادن تي ۽ موثر نموني عملدرآمد کي يقيني بڻائيندو.

(ii) روڊز جا منصوبا طئي ڪرڻ، معيار جوڙڻ، تفصيل ۽ نقشو طئي ڪرڻ تہ جيئن اهڙن روڊز تي ٽريفڪ جي محفوظ ۽ سولي استعمال ۽ موثر چرپر کي يقيني بڻائي سگهجي ۽ ساڳئي کي روڊ يا پلن جي تعمير يا مرمت دوران تحويل ۾ وٺڻ لاءِ لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي فراهم ڪرڻ؛

(iii) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي ڪو روڊ يا ان جو حصو عارضي طور يا مستقل طور موڙڻ، تبديل ڪرڻ يا بند ڪرڻ جو مشورو ڏئي سگهي ٿو؛

(iv) ڪنهن بہ موجود روڊ جون بائونڊريز لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي طرفان ويڪريون ڪرائي، تبديل ڪرائي،

سڌاري، مرمت ڪرائي يا ٻيهر جوڙي سگهي ٿو؛

(v) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي روڊ کان ڪنهن ملڪيت تائين پهچ لاءِ مخصوص، سڌو ڪري ڏيڻ ۽ ميلاپ جو هنڌ جوڙي ڏيڻ ۽ پهچائڻ؛

(vi) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي رنڊڪن، متبادل رستي يا ڪنهن ٻئي مقصد لاءِ ڪو روڊ يا ان جو ڪو حصو استعمال ڪرڻ لاءِ گاڏين جو قسم، تعداد ۽ اسپيڊ بابت مشورو ڏئي سگهي ٿو؛

(vii) روڊن تي روز مره ٽريفڪ جي نگراني ڪري سگهي ٿو ۽ لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي ٽرانسپورٽ پاليسي جوڙڻ لاءِ اهڙو مشورو ڏئي سگهي ٿو جيئن ضروري هجي؛

(viii) هر پوليس اسٽيشن يا ٻئي ذريعي کان مليل ماهوار حادثن جي رپورٽن جي بنياد تي روڊ حادثن جا انگ اکر گڏ ڪرڻ، معائنو ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ لاءِ ذميدار هوندو؛

(ix) پنڌ گهمندڙن جون ضرورتون ۽ سهولتون ڄاڻائيندو، جيڪي انهن کي لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي طرفان فراهم ڪيون وينديون (بشمول اوور هيڊ برجز ۽ انڊر گرائونڊ رستن جي) جيئن انهن کي محفوظ طريقي روڊ پار ڪرڻ کي آسان بڻائي سگهجي؛

(x) تصديق ڪندو ته بس روٽس روڊ جي گنجائش موجب آهن ۽ جيڪڏهن ضروري هجي ته ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي کي روٽس جي نظرثاني، منصوبابندي يا ٻيهر منصوبابندي ۽ روڊ جي

گنجائش کي نظر ۾ رکندي روٽ پرمٽس رد ڪرڻ جي سفارش ڪندو.

(xi) ٽريفڪ سگنلز جو انتظام ڪرڻ، نمونو، تفصيل، لڳائڻ، ضابطو ڪم ڪرڻ، نگراني ڪرڻ ۽ مرمت ڪرڻ؛

(xii) بس ۽ ٽرڪ اسٽاپس ۽ ٽرمينلز جي گهرج بابت آگاهه ڪندو ۽ لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي اهڙن اسٽاپس يا ٽرمينلز جي هنڌ ۽ هنڌ مٽائڻ بابت سفارشون ڪندو.

(xiii) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي روڊز جا علائقا ڄاڻائيندو يا آگاهه ڪندو، جتي گاڏين جي پارڪنگ يا لوڊنگ يا ان لوڊنگ منع هوندي؛

(xiv) پارڪنگ پاليسي بيان ڪندو ۽ هلائيندو ۽ پارڪنگ في مڙهيندو.

(xv) ڪراچي بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي سان گڏجي مخصوص قسم جي عمارتن ۾ گاڏين جي محفوظ ۽ جوڳي پهچ، پارڪنگ ۽ چرپر لاءِ جوڳي گنجائش ٻڌائڻ کي يقيني بڻائيندو.

(xvi) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي اشتهاري نشانن، نيون سائنز، هورڊنگز، پولز ۽ پوسٽس جي ضابطي، لڳائڻ، سائيز ۽ هنڌ بابت مشورو ڏيندو ۽ اهڙي ايجنسي يا اٿارٽي کي اهڙن اشتهاري نشانن، نيون سائنز، هورڊنگز، پولز ۽ پوسٽس هٽائڻ يا تبديلي لاءِ سفارشون ڪندو.

(xvii) روڊ تحفظ لاءِ گهرج ڄاڻائيندو، تعليمي پروگرامز

تربيتي ڪورس جو انتظام ڪندو ۽ ٽريفڪ تحفظ جي ڄاڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ مهم هلائيندو ۽ عوام ۾ ٽريفڪ قانونن بابت وڏيڪ سجاڳي پيدا ڪندو؛

(xviii) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي ڪنهن روڊ يا ان سان لاڳاپيل علائقي ۾ حد دخلي هٽائڻ لاءِ چوندو جيڪا ٽريفڪ ۾ رڪاوٽ وجهندي هجي يا خطرو هجي؛

(xix) جاچ ڪرائيندو ۽ مختلف ايجنسيز کي ٽريفڪ ۽ ٽرانسپورٽ پاليسي ۽ منصوبابندي تي مشورو ڏيندو؛

(xx) حڪومت کي ٽريفڪ پوليس جي سڌاري يا ٻيهر تنظيم سازي لاءِ سفارشون ڪندو؛

(xxi) اهڙا قدم کڻندو جيڪي ان جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري ۽ لاڀائتا هجن؛

(xxii) اهڙا ٻيا ڪم سرانجام ڏيندو جيڪي ان کي بورڊ، ڪميٽي يا ڊائريڪٽر جنرل طرفان هن ايڪٽ تحت سونپيا ويا هجن.

(2) بيورو پنهنجا ڪم سرانجام ڏيندي پوليس کان مدد طلب ڪرڻ جو اختيار حاصل هوندو، جتي ضروري هجي ۽ اهڙي هر درخواست تي پوليس فوري طور گهربل مدد فراهم ڪندي.

(3) ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل ڪنهن معاملي جي سلسلي ۾ بيورو طرفان ڏنل مشوري يا ڪيل سفارشن تي جيترو ممڪن ٿي سگهي عمل ڪيو ويندو يا لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي طرفان عملدرآمد ڪيو ويندو.

(4) جيڪڏهن بيورو جو ڪو مشورو يا سفارش تڪراري

آهي، لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي بيورو کان اهڙي مشوري يا سفارشن تي ٻيهر غور ڪرڻ لاءِ چوندي ۽ جيڪڏهن ٻيهر غور ڪرڻ کانپوءِ به فرق اجا موجود رهي، ته معاملو بيورو طرفان ڪميٽي سامهون رکيو ويندو ۽ ان جا حڪم حتمي ۽ تعميري هوندا.

(5) بيورو نگراني ڪرڻ ۽ ان جي مشوري ۽ سفارشن تي عملدرآمد جي چڪاس لاءِ مجاز هوندو ۽ ان جي مطمئن هئڻ جي صورت ۾ ته مشوري يا سفارش تي ڄاڻايل طريقي عملدرآمد ناهي ڪيو ويو يا ان تي عملدرآمد ۾ نقص آهي، اهو لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي کي خاص هدايتون ڏئي سگهي ٿو جيڪي انهن تي عمل ڪندا.

**بيورو جو ڊائريڪٽر ۽ ان جا ڪم**

**Director of the Bureau and his powers**

13. هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب ۽ ڊائريڪٽر جنرل جي عام ضابطي هيٺ، ڊائريڪٽر:

(a) بيورو تي موثر ضابطو هوندو ۽ بيورو جي روز مرهه جي معاملن جي بهتر نموني هلائڻ لاءِ ذميدار هوندو؛

(b) بيورو جي مالي ۽ ايگزيڪيوٽو انتظاميه جي نگراني ڪندو ۽ اهڙيون سموريون ذميداريون سرانجام ڏيندو جيڪي کيس سونپيون ويون هونديون ۽ هن ايڪٽ تحت کيس سونپيل يا منتقل ڪيل سمورا اختيار استعمال ڪندو؛

(c) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي طرفان حڪمن يا بورڊ يا ڪميٽي طرفان منظور ڪيل اسڪيمن يا بيورو طرفان ڏنل صلاحن جي سفارشن تي عملدرآمد جي نگراني لاءِ ذميدار هوندو ۽ ضروري اٿارٽي حاصل

| | |
|---|---|
| | هوندي؛<br>(d)بيورو جي عملدارن مٿان انتظامي ضابطي جا اختيار حاصل هوندا. |
| عملدارن، ماهرن، صلاحڪارن ۽ عملي جا اختيار ۽ ڪم<br>Powers and functions of the officers, experts, consultants and staff | 14.عملدار، ماهر، صلاحڪار ۽ بيورو جو عملو اهڙا اختيار استعمال ڪندو ۽ اهڙا ڪم سرانجام ڏيندو، جيڪي انهن کي ڊائريڪٽر طرفان سونپيا ويا هجن. |

## باب _V

## ٽريفڪ ۽ روڊز جو ضابطو ۽ ٽريفڪ جي ريگيوليشن

## Chapter_V

## Control of traffic and roads and regulation of traffic

| | |
|---|---|
| روڊ جي ڪنٽرول جي منتقلي<br>Transfer of control of road | 15. حڪومت نوٽيفڪيشن ذريعي پاڻ وٽان يا ڪنهن ٻي اٿارٽي وٽان ڪنهن روڊ جو ضابطو بيورو ڏانهن منتقل ڪري سگهي ٿي، ان سلسلي ۾ ته اهڙن معاملن کي هن ايڪٽ تحت منهن ڏنو ويندو؛ ۽ اهڙن شرطن تحت، جيئن نوٽيفڪيشن ۾ بيان ڪيو ويو هجي. |
| حددخلي<br>Encroachment | 16. (1) روڊ جي تعمير ۽ مرمت يا ان مٿان ضابطو رکندڙ لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي، بيورو جي مشوري سان ۽ روڊ تي ٽريفڪ جي تحفظ ۽ رواني کي نظر ۾ رکندي ۽ اهڙن شرطن |

موجب جيڪي بيورو ان مٿان مڙهي، اهڙين فيس جي ادائگي تي ڪنهن شخص کي پرمٽ ڏيندي، جيئن اها طئي ڪري:

(a) گرائونڊ جي سطح تي سندس مالڪي هيٺ عمارت سامهون ڪنهن روڊ تي متحرڪ حددخلي رکڻ؛

(b) روڊ تي متحرڪ تعمير ناهڻ؛

(c) ڪنهن روڊ تي عمارتي سامان، وڪري لاءِ شيون يا ٻيون شيون رکڻ يا سبب بڻجڻ؛

(d) روڊ تي اسٽال يا ڇاپرو ناهڻ.

(2) ڪو به شخص جيڪو ذيلي دفعه (1) ۾ ڄاڻايل ڪو به ڪم ڪري ٿو يا لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي جي لکت اجازت کانسواءِ رڪاوٽ يا لوڙهو هٽي ٿو ان کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي جيڪا پنج هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿي ۽ اهڙي ايجنسي يا اٿارٽي جوابدار کي پيچڪڙي ڪنڌڙ تعمير، رڪاوٽ، لوڙهو ڊپازٽ، سامان، شيون، اسٽال يا ڇاپرو هٽائڻ لاءِ موزون نوٽيس ڏيڻ بعد ۽ سندس اهڙي نوٽيس تي ان ۾ ڄاڻايل وقت اندر عملدرآمد ۾ ناڪامي بعد، پاڻمرادو پيچڪڙي ڪنڌڙ تعمير، رڪاوٽ، لوڙهو ڊپازٽ، سامان، شيون، اسٽال يا ڇاپرو هٽائيندي ۽ ان تي ايندڙ خرچ جوابدار کان وصول ڪري سگهي ٿي.

مخصوص قدمن کان منع

Prohibition of certain acts

17.(1) جيستائين ڪجهه وقتي طور لاڳو ڪنهن ٻئي قانون جي متضاد نه هجي، ڪو شخص يا اٿارٽي بيورو جي اجازت کانسواءِ هيٺيان ڪي به ڪم نه ڪندو يعني:

(a) ڪو روڊ نه کوٽيندو يا ٽوڙيندو؛

(b)اهڙي روڊ تان، هيٺان يا مٿان ڪجهه تعمير نه ڪندو يا ڪا ڪيبل، وائر، پائيپ، نالي، سيور يا ڪنهن قسم جو چينل تعمير نه ڪندو يا نه ڪٽيندو، يا

(c)روڊ جي حدن اندر، موجود ڪيبل، وائر، پائيپ، نالي، سيور يا ڪنهن قسم جي چينل سان لاڳاپيل ڪنهن ڪم جي مرمت يا تبديلي نه ڪندو، اهڙي ڪنهن روڊ تان، هيٺان يا مٿان ڪنهن قسم جو ڪم نه ڪندو.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت پنهنجي اجازت ڏيندي بيورو اهڙا شرط مڙهيندو جيڪي اهو ضروري سمجهي.

(3) جيڪڏهن بيورو جي اجازت کانسواءِ ڪو شخص ذيلي دفعه (2) ۾ ڄاڻايل ڪو قدم کڻي ٿو ان کي ڏنڊ جي سزا ڏني ويندي، جيڪو ٽي هزار رپين تائين وڌي سگهي ٿو ۽ بيورو جوابدار کي غير قانوني ڪم هٽائڻ ۽ روڊ کي پهرين حالت ۾ بحال ڪرڻ لاءِ موزون نوٽيس ڏيندي ۽ ان جي ڄاڻايل وقت اندر ان تي عملدرآمد ۾ ناڪام ٿيڻ تي ڀاڻمرادو ڄاڻايل ڪم هٽائيندي ۽ روڊ کي مٿي ڄاڻايل طريقي موجب بحال ڪندي ۽ لاڳاپيل شخص کان ان جو خرچ وصول ڪندي.

**روڊز جي عارضي بندش**
**Temporary closure of roads**

18.(1) جڏهن ڪو روڊ يا ان جو ڪو حصو مرمت يا هن ايڪٽ تحت بيورو جي ڪمن سان لاڳاپيل ٻئي مقصد لاءِ عارضي طور تي بند ڪيو ويو هجي، اهڙيءَ ريت جيئن ٽريفڪ جي گذر ۾ مداخلت ٿئي، ته لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي متبادل جا نوٽيسز، رڪاوٽون يا بيورو طرفان مشورو

ڏنل ٻيون ڊوائيسز بند ٿيل حصي جي هر آخر تي لڳائيندي، ۽ اهڙي ايجنسي يا اٿارٽي اهڙن ٻين ذريعن وسيلي حقيقت جو اعلان پڻ ڪندي، جيئن اها مناسب سمجهي.

(2) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي ملندڙ علائقن کان روڊ جي ڪليل حصي تائين پهچ ڏيڻ جي موزون مقصد لاءِ، جيڪي اهڙي بندش سبب پهچ کان محروم هجن، پهچ ڏيڻ سان گڏوگڏ موزون ٽريفڪ جي گذر جو بندوبست ڪندي ۽ انهن مقصدن لاءِ، بيورو جي مشوري سان عارضي پهچ ڏيندي يا متبادل رستا جوڙيندي.

روڊز جي مستقل بندش
Permanent closure of roads

19.(1) لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي ڪو روڊ يا روڊ جو ڪو حصو مستقل طور تي بند ڪرڻ چاهيندي هجي، بيورو سان مشورو ڪندي ۽ ان ارادي بابت عوام لاءِ هڪ يا هڪ کان وڌيڪ اخبارن ۾ نوٽيس ڏيندي.

(2) نوٽيس ذريعي شايع ٿيڻ واري تاريخ کان گهٽ ۾ گهٽ پندرنهن ڏينهن جي عرصي اندر تجويز ڪيل بندش تي اعتراض طلب ڪيا ويندا.

(3) فيصلو ڪرڻ وقت لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي بيورو جو مشورو نظر ۾ رکندي ۽ اهڙا سمورا اعتراض غور هيٺ رکندي اهڙيون ٻيون انڪوائريز ڪرڻ کانپوءِ جيئن اها ضروري سمجهي اهو يقيني بڻائيندي ته تجويز ڪيل بندش متاثر علائقي جي رهواسين کي پهچ يا اهڙي علائقي ۾ چرپر جي مقصد لاءِ متبادل جي کوٽ جي سلسلي ۾ تڪليف جو سبب نه بڻجندي.

(4)جتي متي چاڙهايل تڪليف پيش اچي، لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي بيورو سان مشوري بعد روڊ بند ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن بيورو مطمئن آهي تہ متبادل روڊ پوءِ اهو اڳواٽ موجود هيو يا نئون تعمير ڪيو ويو آهي، اهو علائقي جي عام گهرجن کي بند ڪرڻ لاءِ تجويز ڪيل روڊ کان وڌيڪ مطمئن ڪندڙ حد تائين پورو ڪندو.

(5)جيڪڏهن ڪو شخص اهڙي فيصلي کان متاثر ٿيو آهي، اهو اهڙي فيصلي خلاف ڪميٽي کي اپيل ڪري سگهي ٿو ۽ اپيل تي ڪميٽي طرفان جاري ڪيل حڪم حتمي هوندا.

روڊ جي گاڏين جي درجن يا جانورن جا ضابطا
Regulations of classes of vehicles or animals on a road

20. لاڳاپيل ايجنسي يا اٿارٽي بيورو سان مشوري بعد روڊ يا ان جي ڪنهن حصي تي گاڏين جي ڪنهن درجي يا جانورن يا پنڌ گهمندڙن جي چرپر تي مستقل طور يا عارضي بنيادن تي پابندي وجهي سگهي ٿي يا منع ڪري سگهي ٿي، جيڪڏهن اهڙي پابندي يا منع ان جي خيال ۾ عوام جي تحفظ يا سهولت، يا ٻين ڪن جوڳن سببن جي ڪري ضروري آهي.

## باب ـVI

## ماليات، آڊٽ ۽ اڪائونٽس

## Chapter_VI

## Finance Audit and Accounts

فنڊ

21. (1) بيورو جو هڪ الڳ فنڊ هوندو جنهن کي ”ٽريفڪ

| | |
|---|---|
| Fund | انجنيئرنگ بيورو فنڊ“ سڏيو ويندو. |
| | (2) فنڊ مشتمل هوندو: |
| | (a) حڪومت کان حاصل ڪيل گرانٽس ۽ سبسڊي؛ |
| | (b) بيورو طرفان گڏ ڪيل يا حاصل ڪيل قرض؛ |
| | (c) هن ايڪٽ تحت فراهم ڪيل خدمتن لاءِ فيس ۽ ٻيا چارجز؛ |
| | (d) ڪنهن مقامي اٿارٽي طرفان ڪيل گرانٽس؛ بشرطيڪ اهو ته بلڊنگ ڪنٽرول اٿارٽي اهڙيون گرانٽس حڪومت طرفان وقت بوقت طئي ڪيل وقتن تي ڪندي؛ |
| | (e) وفاقي حڪومت يا ڪنهن ٻي پاڪستان جي يا پرڏيهي قسم جي ڊونر ايجنسي طرفان حاصل ڪيل سموريون رقمون؛ |
| | (f) هن ايڪٽ تحت حاصل ڪرڻ لائق ٻيون سموريون رقمون. |
| فنڊز جمع ڪرڻ<br>Crediting of the funds | 22. فنڊ ۾ رکيل رقم حڪومت طرفان منظور ڪيل ڪنهن شيڊول بئنڪ ۾ جمع ڪئي ويندي. |

| | |
|---|---|
| 23.(1) فنڊ بيورو طرفان سنڀاليو ويندو ۽ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري خرچ برداشت ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو ويندو بشمول هن ادائگي جي: | **فنڊز سيڙائڻ ۽ استعمال ڪرڻ**<br>Investment and utilization of the funds |
| (a) روڊن جي سروينز، تحقيق يا تعمير، ٻيهر تعمير جي لي آئوٽ يا مرمتن جي سلسلي ۾ چارجز يا هن ايڪٽ تحت تيار ڪيل اسڪيم کي مڪمل ڪرڻ؛ | |
| (b)قرض ۽ انهن تي وياج؛ | |
| (c)عملي جي ميمبرز، عملدارن بشمول ڊائريڪٽر، ماهرن، صلاحڪارن، هن ايڪٽ تحت ڪنهن ڪم لاءِ رکيل ايجنسيز ۽ بيورو جي ٻين ملازمن جون پگهارون ۽ معاوضو. | |
| (2) فنڊ وفاقي حڪومت يا صوبائي حڪومت جي ڪنهن سڪيورٽي يا حڪومت طرفان منظور ڪيل ٻي ڪنهن سڪيورٽي ۾ سيڙايو ويندو. | |
| 24. بيورو بورڊ جي اڳوٽي جاري ڪيل رقم مان ۽ اهڙن شرطن ۽ ضابطن تحت جيئن بورڊ طرفان منظور ڪيا ويا هجن، حاصل ڪري سگهي ٿو: | **قرض، گرانٽس، امداد ۽ تحفا**<br>Loans, grants, aid and gifts |
| (a) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بئنڪنس يا ٻين وسيلن کان قرض؛ | |
| (b) پاڪستان يا پرڏيهي قسم جي ڊونر ايجنسيز کان گرانٽس، امداد، قرض يا تحفا. | |

| | |
|---|---|
| 25. (1) بيورو پنهنجا اڪائونٽس ۽ رڪارڊز اهڙي طريقي ۽ اهڙيءَ ريت رکندو، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي. | اڪائونٽس ۽ آڊٽ<br>Accounts and audit |
| (2) بيورو ساليانيِ بئلنس شيٽ تيار ڪندو يا تيار ڪرڻ جو سبب بڻجندو، جيئن قاعدن موجب بيان ڪيو ويو هجي. | |
| (3) بيورو جا اڪائونٽس هر مالي سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو حڪومت طرفان منظوري ڏنل ٻاهرين آڊيٽرز طرفان اهڙي ادائگي تي جيئن حڪومت طرفان طئي ڪئي وئي هجي، آڊٽ ڪيا ويندا. | |
| (4)ذيلي دفعہ (3) تحت حتمي طور آڊٽ ڪيل اڪائونٽس جو اسٽيٽمينٽ آڊيٽرز جي رپورٽن سان گڏ مالي سال ختم ٿيڻ کان ڇئن مهينن اندر ڪميٽي حوالي ڪيو ويندو. | |
| 26. هن ايڪٽ تحت ڪنهن شخص يا ماڻهن جي باڊي يا ايجنسي کان اوڳاڙي لائق سموريون رقمون لينڊ روينيو جي رهتن طور اوڳاڙيون وينديون. | رهتن جي اوڳاڙي<br>Recovery of dues |

## باب _VII

## طريقيڪار ۽ ڏنڊ

## Chapter_VII

## Procedure and Penalties

ڏوهہ جوازالو
Cognizance of offence

27.ڪنهن بہ عدالت کي هن ايڪٽ يا ڪنهن قاعدي تحت سزا لائق ڪنهن ڏوهہ تي دائره اختيار نہ هوندو. سواءِ بيورو يا ان سلسلي ۾ ان طرفان مڪمل طور بااختيار بڻايل شخص طرفان لکت ۾ ڪيل رپورٽ جي.

## باب ـVIII

## متفرق گنجائشون

## Chapter_VIII

## Miscellaneous Provisions

ماڻهو جيڪي سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا
Persons deemed to be public servants

28. هن ايڪٽ جي گنجائشن يا ان تحت جوڙيل قاعدن تحت مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ بورڊ، ڪميٽي يا بيورو جي اٿارٽي هيٺ ڪم ڪندڙ سمورا ماڻهو پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعہ 21 تحت سرڪاري ملازم سجهيا ويندا.

آرڊيننس تحت قدم کڻندڙ ماڻهن جو تحفظ
Protection to persons taking action under the Ordinance

29. هن ايڪٽ يا ڪن قاعدن تحت يا موجب سٺي نيت سان ڪجهہ ڪرڻ يا ڪجهہ ڪرڻ جي ارادي تي ڪنهن شخص خلاف ڪو ڪيس، مقدمو يا ٻي قانوني ڪارروائي نہ ڪئي ويندي.

بيورو جي قدمن ۽ ڪارروائين مٿان حڪومت جو ضابطو
Control of Government over acts and proceeding of the Bureau

30. ڪميٽي يا بيورو جا سمورا قدم يا ڪارروايون بورڊ جي ضابطي هيٺ هوندا ۽ بورڊ اهڙي ڪنهن قدم يا ڪارروائي کي ملتوي يا تبديل ڪري سگهي ٿو.

هدايتون ڏيڻ جو اختيار
Power to give Directions

31. بورڊ ڪميٽي يا بيورو ۽ ڪميٽي بيورو کان هن ايڪٽ تحت ڪو دستاويز، ريٽرن، اسٽيٽمينٽ، اسٽيٽسٽڪس يا ڪنهن معاملي بابت ڪا ٻي معلومات طلب ڪري سگهن ٿا ۽ ڪميٽي، يا جيئن معاملو هجي، بيورو اهڙي طلبي تي عمل ڪندو.

ساليانو رپورٽ
Annual Report

32. بيورو، هر مالي سال ختم ٿيڻ جي ٽن مهينن اندر ڪميٽي ذريعي ان سال جي معاملن هلائڻ بابت ساليانو رپورٽ بورڊ کي جمع ڪرائيندو.

| | |
|---|---|
| حڪومت جو قاعدا جوڙڻ جو اختيار<br>Power of Government to make rules | 33. حڪومت هن ايڪٽ جي گنجائشن کي موثر بڻائڻ جي مقصد لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي. |
| بيورو جو ضابطا جوڙڻ جو اختيار<br>Power of the Bureau to make regulations | 34. بيورو هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿو جيڪي آرڊيننس يا قاعدن جي متضاد نہ هجن. |
| 1985 جي سنڌ آرڊيننس نمبر V جي منسوخي<br>Repeal of Sind Ordinance V of 1985 | 35. ڪراچي ڊويزن (ٽريفڪ انجنيئرنگ) آرڊيننس، 1985 کي هن ڪانپوءِ منسوخ ڪيو وڃي ٿو.<br><br>**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.** |